# قرآني بيان

# حضرت آدم (عَلَيْہِ السَّلَام) ۽ جنّت جو قيام

(سيپارو:1، سوره بقرة: 35_ 36)

مدني مراڪز (فيضانِ مدينه) ۽ شعبه امام مساجد (دعوتِ اسلامی) جي تحت مسجدن جي لاءِ 23

جنوري، 2026ء

( متوقع اسلامي تاريخ:3شعبان شريف 1447ھ)

جمعة المبارڪ جو



مدني مراڪز (فيضانِ مدينہ) ۾ شعبہ امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ
23 جنوري، 2026ء ( متوقع اسلامي تاريخ: 3 شعبان شريف 1447ھ) جمعة المبارک
جو

قرآني بيان

بنام

(سيپارو: 1، سوره بقرة: 35_36)

# حضرت آدم (عَلَيۡهِ السَّلَام) ۾ جنّت جو قيام

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ... حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام کان هرگز گناهه نہ ٿيو
- ... قيامت قائم ٿيڻ جون حڪمتون
- ... شيطان جي خطرناڪ سازش
- ... ڇا توهان جنّت جي اميد رکندو آهين...!!

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامي)

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ؕ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ؕ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا حَبِيۡبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا نُوۡرَ الله

نَوَيۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# درودِ پاڪ جي فضيلت

روايتن ۾ آهي تہ: اللّٰہ پاڪ جطا نبي حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام جنت ۾ هئا، (پاڻ چوتہ پهريان انسان آهن، ان وقت انهن جهڙو ڪو بہ نہ هو، ان ڪري) پاڻ اڪيلائي ۾ اُداسي محسوس ڪندا هئا، تنهنڪري اللّٰہ پاڪ انهن تي ننڊ طاري فرمائي، پاڻ سُتا تہ سندن پاسريءَ مبارڪ مان حضرت حوا رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡهَا کي پيدا ڪيو ويو. حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام جاڳيا، پنهنجي ويجهو پاڻ جهڙو هڪ انسان، حضرت حوا رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡهَا کي ڏٺائون تہ انهن جي طرف هٿ وڌائڻ چاهيو پر حڪم ٿيو: اي آدم! بيهي رهو! پهريان حق مهر ادا ڪريو! (حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام پڇيو: ان جو حق مهر ڇا آهي؟) حڪم ٿيو: 10 ڀيرا اسان جي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود پاڪ پڙهي ڇڏيو! (اِهو ئي حق مهر آهي). حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام 10 ڀيرا درود پاڪ پڙهيو ۽ سندن نڪاح حضرت حوا رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡهَا سان ڪيو ويو. (1)

سُبۡحٰنَ الله! ڇا شان آهي اسان جي آقا و مولىٰ، مڪي مدني مصطفىٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو...!! هتي هڪ ايمان افروز نڪتو آهي، عالمن جو چوڻ آهي: حق مهر شفا بخش آهي. مولا علي شير خدا رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ فرمائن ٿا: جڏهن اوهان

1... البريقة المحمودية، الباب الاول ...الخ، النوع الثانى فى الاعتصام بالسنة، جلد:1، صفحہ:123 خلاصةً۔

مان کو بيمار ٿئي تہ ان کي گھرجي تہ پنهنجي گھر واريءَ کان ان جي مهر مان 3 درهم وٺي، ان جي ماکيءَ خريد ڪري، ان ۾ برسات جو پاڻي ملائي پيئي، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! شفا ملندي.[1] قربان وڃجي! اسان سڀني جي امڙ سائڻ امُ الْبشر حضرت حوا رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهَا جو تہ حق مهر ئي درود پاڪ هو، ان ڪري اسان درود پاڪ پڙهون، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ان ۾ اسان لاءِ شفا ئي شفا آهي.

ہر درد کی دوا ہے صَلِّ علیٰ مُحَمَّد
تعویذِ ہر بلا ہے صَلِّ علیٰ مُحَمَّد
قربِ خدا ہو حاصل جنت میں ہو وہ داخل
جس نے لکھا پڑھا ہے صَلِّ علیٰ مُحَمَّد
جنت مقام ہو گا دوزخ حرام ہو گا
گر دل پہ لکھ لیا ہے صَلِّ علیٰ مُحَمَّد

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

قَالَ اللهُ تَبَارَكَ وَتَعَالٰى فِي الْقُرْآنِ الْكَرِيْم (الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو):

وَ قُلْنَا یٰۤاٰدَمُ اسْكُنْ اَنْتَ وَ زَوْجُكَ الْجَنَّةَ وَ كُلَا مِنْهَا رَغَدًا حَیْثُ شِئْتُمَا۪ وَ لَا تَقْرَبَا هٰذِهِ الشَّجَرَةَ فَتَكُوْنَا مِنَ الظّٰلِمِیْنَ(۳۵) فَاَزَلَّهُمَا الشَّیْطٰنُ عَنْهَا فَاَخْرَجَهُمَا مِمَّا كَانَا فِیْهِ۪

صَدَقَ اللهُ الْعَظِيْم وَصَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِيُّ الْكَرِيْم صلّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم

ترجمو ڪنزُ الْعِرفان: ۽ اسان فرمايو: اي آدم! تون ۽ تنهنجي گھرواري جنّت ۾ رهو ۽ بنا روڪ ٽوڪ جي جتان توهان جي دل چاهي ڪائو، البت هن وڻ جي ويجهو نہ وڃجو نہ تہ حد کان لنگهندڙن ۾ شامل ٿي ويندؤ پوءِ شيطان انهن ٻنهي کي جنّت مان لغزش ڏني سو انهن کي اتان ڪيرائي ڇڏيو جتي اهي رهندا هئا.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

1... مصنف ابنِ شيبہ، کتاب الطب، ما قالوا فی العسل، جلد:5، صفحہ:461، رقم:2۔

پيارا اسلامي ڀائرو! سيپارو:1، سورت بقرة جي چوٿين رکوع ۾ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي پيدائش ۽ سندن زمين تي تشريف آڻڻ جو تفصيلي واقعو بيان ڪيو ويو آهي، سندن تخليق کان پهريان فرشتن جي سامهون سندن خليفةُ الله هجڻ جو اعلان ڪيو ويو، پوءِ جڏهن کين تخليق ڪيو ويو ته الله پاڪ کين عِلْمُ الْاَسْمَا عطا فرمايو، فرشتن تي سندن برتري کي ظاهر ڪيو ويو، پوءِ فرشتن کي حڪم ٿيو ته کين سجدو ڪن، تنهنڪري سڀني فرشتن حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي تعظيم لاءِ کين سجدو ڪيو. ها! شيطان بدبخت هو، ان بد انجام تڪبر ڪيو، الله پاڪ جو حڪم ٽاريو ۽ سجدو نه ڪري هميشه لاءِ مردود ٿي ويو. ان کان پوءِ ڇا ٿيو؟ ان جو ذڪر هن آيتِ ڪريمه ۾ آهي جيڪا اسان هاڻي ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي.

## آيتِ ڪريمه جي مختصر وضاحت

الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَ قُلْنَا یٰۤاٰدَمُ اسْكُنْ اَنْتَ وَ زَوْجُكَ الْجَنَّةَ وَ كُلَا مِنْهَا رَغَدًا حَیْثُ شِئْتُمَا۪

(سيپارو: 1، البقرة: 35)

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ اسان فرمايو: اي آدم! تون ۽ تنهنجي گهرواري جنّت ۾ رهو ۽ بنا روڪ ٽوڪ جي جتان توهان جي دل چاهي ڪائو.

ساڳئي جنت جيڪا نيڪ ماڻهن لاءِ تيار ڪئي وئي آهي ۽ جنهن ۾ قيامت کان پوءِ داخلا ٿيندي، حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام ۽ حضرت حوا رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهَا کي ان ئي جنت ۾ رهايو ويو. هتي اها ڳالهه به ياد رکڻ جي آهي ته جنت ۾ داخلا 2 طرح جي آهي: (1): هڪ اها داخلا جيڪا قيامت کان پوءِ نصيب ٿيندي، اها بطور ثواب ۽ انعام هوندي، ان ڪري ان وقت جنت ۾ ڪنهن به قسم جي ڪا روڪ ٽوڪ نه هوندي، نه اتي ننڊ هوندي نه موت ۽ نه ئي اهل جنت کي ڪڏهن جنت مان ڪڍيو ويندو (2): پر حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي اها جنت ۾ داخلا بطور ثواب يا انعام نه هئي بلڪ اها داخلا ڪجهه حڪمتن جي تحت هئي، ان ڪري انهن کي اتي ڪجهه شين جي ويجهو وڃڻ کان روڪيو ويو.[1]

1...تفسير نعيمی، پاره:1، البقرة، زير آيت:35، جلد:1، صفحه:294-298 خلاصةً۔

ارشاد ٿئي ٿو:

وَ لَا تَقۡرَبَا هٰذِهِ الشَّجَرَةَ فَتَكُوۡنَا مِنَ الظّٰلِمِيۡنَ ﴿۳۵﴾ (سيپارو: 1، البقرة: 35)

ترجمو ڪنزُ العرفان: البت هن وڻ جي ويجهو نہ وڃجو نہ تہ حد کان لنگهندڙن ۾ شامل ٿي ويندؤ.

يعني جنت جي هر نعمت کائڻ پيئڻ جي انهن کي اجازت هئي پر هڪ مخصوص وڻ هو، جنهن جي ويجهو وڃڻ يعني ان جو ميوو کائڻ کان انهن کي منع فرمايو ويو، اهو وڻ ڪهڙو هو، ان بابت مختلف روايتون آهن، وڌيڪ مشهور روايت اها آهي تہ اهو اناج (يعني ڪڻڪ) جو وڻ هو. [1] اسان وٽ ڪڻڪ جو ننڍڙو ٻوٽو هوندو آهي پر جنت ۾ ان جو وڻ هو ۽ ان جو ميوو يعني ڪڻڪ جو داڻو بہ ڍڳي جي گُڙدي جيترو هو. [2]

فَاَزَلَّهُمَا الشَّيۡطٰنُ عَنۡهَا فَاَخۡرَجَهُمَا مِمَّا كَانَا فِيۡهِ ۪ (سيپارو: 1، البقرة: 36)

ترجمو ڪنزُ العرفان: پوءِ شيطان انهن ٻنهي کي جنّت مان لغزش ڏني سو انهن کي اتان ڪيرائي ڇڏيو جتي اهي رهندا هئا.

## آدم عَلَيۡهِ السَّلَام کي گنهگار چوڻ جو حڪم

پيارا اسلامي ڀائرو! هتي هڪ ڳالهہ جيڪا تمام گهڻي اهم آهي ۽ ضروري طور تي ياد رکڻ جي آهي، اها آهي الله پاڪ جي نبي حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام جي عصمت (يعني گناهن کان پاڪ هجڻ). اسان وٽ اڄڪلهہ بيباڪي عام آهي، ديني معلومات جي گهٽتائي آهي، ماڻهو ڳالهائيندي ڪجهہ سوچيندا سمجهندا نہ آهن، بس جيڪو وات ۾ آيو ڳالهائيندا رهندا آهن ❁ ڪڏهن انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِم السَّلَام جي بي ادبي ٿي رهي هوندي آهي ❁ ڪڏهن جنت ۽ دوزخ جو مذاق اڏايو ويندو آهي ❁ڪڏهن فرشتن بابت نامناسب گفتگو ڪندا آهن. اهي تمام سخت ڳالهيون آهن، اهڙين ڳالهين جي ڪري ٻانهو دائرهءِ اسلام مان نڪري بہ سگهي ٿو. ان ڪري اسان کي اهڙين ڳالهين کان بچڻ گهرجي.

---

1...تفسير نسفی، پاره:1، البقرة، زير آيت:35، جلد:1، صفحہ:81۔

2...تفسير روح البيان، پاره:1، البقرة، زير آيت:35، جلد:1، صفحہ:110۔

خاص ڪري حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام ان جنتي وڻ جو ميوو کاڌو، اها ڳالهه ته وڏا پڙهيل لکيل ماڻهو به منفي انداز ۾ وٺندا آهن. مثال طور ❁ پاڻ جنتي وڻ ڇو کاڌو؟ ❁ کين ائين نه ڪرڻ گهرجي ها؟ ❁ پاڻ گناهه ڪيائون؟ ❁ ان جي ڪري اسان زمين تي آياسين وغيره وغيره. هڪ نبي عَلَيْهِ السَّلَام بابت اهڙيون ڳالهيون ڪرڻ تمام سخت آهي. ڪجهه صورتن ۾ اهڙين ڳالهين تي ڪفر جو حڪم به لڳي سگهي ٿو. [1] اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: (عام گفتگو ۾) حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام ڏانهن گناهه جي نسبت ڪرڻ حرام (۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي) بلڪ علماءِ ڪرام رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِم ان کي ڪفر فرمايو آهي. [2]

## حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کان هرگز گناهه نه ٿيو

پيارا اسلامي ڀائرو! هي ڳالهه هميشه ياد رکو! ته حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جيڪو جنتي وڻ جو ميوو کاڌو، اهو هرگز هرگز گناهه نه هو، ان کي هڪ مثال سان ايئن سمجهو ته اسان روزو رکيو، هاڻي جيڪڏهن اسان هڪ گِرهه به ڄاڻي واڻي ڪري کائينداسين ته گناهه به ٿيندو ۽ شرطون موجود هجڻ تي ڪفارو به لازم ٿيندو پر جيڪڏهن اسان کي پنهنجو روزيدار هجڻ ياد نه رهي ته هڪ گِرهه نه، توڙي جو 4 مانيون به کائي وٺو، نه روزو ٽٽندو، نه گناهه ٿيندو، نه ئي ڪفارو لازم ايندو. يعني اهوئي ڪم جڏهن ڄاڻي واڻي ڪري، روزو ياد هوندي ڪيو ته ان تي گناهه به آهي، روزو به ٽُٽو، ڪفارو به لازم آيو پر اهوئي ڪم وِسَر ۾ ڪيو ته نه گناهه، نه ڪفارو...!! آخر ڇو؟ ان ڪري جو وِسَر معاف آهي. هاڻي سمجهو! حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کي جنتي وڻ جو ميوو کائڻ کان روڪيو ويو هو، هي بلڪل سچ آهي، اوهان منع ڪرڻ جي باوجود اهو ميوو کاڌو، هي به سچ آهي پر اوهان هي ميوو ياد هوندي نه کاڌو بلڪ الله پاڪ فرمائي ٿو:

---

1...صراط الجنان، پاره:1، البقرة، زير آيت:35، جلد:1، صفحه:105.

2...فتاوىٰ رضويه، جلد:1، حصه:ب، صفحه:1119 ملتقطًا.

وَ لَقَدۡ عَهِدۡنَاۤ اِلٰۤی اٰدَمَ مِنۡ قَبۡلُ فَنَسِیَ وَ لَمۡ نَجِدۡ لَهٗ عَزۡمًا ﴿۱۱۵﴾ (سيپارو: 16، طٰهٰ: 115)

ترجمو كنزُ العرفان: ۽ بيشڪ اسان آدم کي ان کان پهريان تاڪيدي حڪم ڏنو هو پوءِ اهو ڪيس وسري ويو ۽ اسان ان جو مضبوط ارادو نه ڏٺو.

ڏسو! الله پاڪ صاف صاف ارشاد فرمائي ڇڏيو ته حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام جنتي وڻ جو ميوو جيڪو کاڌو هو، پاڻ ويسر ۾ کاڌو هو، ان ڪري سندن هي جنتي ميوو کائڻ هرگز گناهه نه هو.

## جنت کان زمين تي اچڻ جي وضاحت

هاڻي هتي سوال پيدا ٿئي ٿو ته جيڪڏهن سندن جنتي ميوو کائڻ گناهه نه هو ته کين جنت مان زمين تي ڇو لاٿو ويو...؟ هي وڏو اهم سوال آهي ۽ ان جو جواب هي آهي ته سِري کان هي سوال درست ئي نه آهي. اصل سوال هي نه ٿو بڻجي ته کين جنت مان ڪڍيو ڇو ويو؟ اصل سوال هي ٿو بڻجي ته کين جنت ۾ رکيو ڇو ويو هو؟ اصل ۾ حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام کي ان لاءِ نه بڻايو ئي نه ويو هو جو کين پيدا ٿيڻ کان پوءِ ئي جنت ۾ رهايو ويندو بلڪ کين زمين ۾ خليفو بڻائڻ لاءِ پيدا ڪيو ويو هو. ڏسو! الله پاڪ حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام جي پيدائش کان به پهريان فرشتن کي فرمايو:

اِنِّیۡ جَاعِلٌ فِی الۡاَرۡضِ خَلِیۡفَةً (سيپارو: 1، البقرة: 30)

ترجمو كنزُالعرفان: مان زمين ۾ پنهنجو نائب بڻائڻ وارو آهيان.

معلوم ٿيو: حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام کي پيدا ئي زمين ۾ خلافت لاءِ ڪيو ويو هو. کين جنت ۾ رهائڻو حڪمت جي تحت هو، جڏهن اها حڪمت پوري ٿي وئي ته پاڻ کي سندن اصل مقامِ خلافت يعني زمين تي لاٿو ويو. ان ڪري ان کي جنت مان ڪڍيو وڃڻ يعني بي دخل ڪري ڇڏڻ چوڻ غلط ڳالهه آهي.

## جنت ۾ رهائش جون حڪمتون

هاڻي سوال هي آهي ته جڏهن حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام کي زمين تي خليفو بڻائڻ لاءِ ئي پيدا ڪيو ويو هو ته پوءِ کين جنَّت ۾ ڇو رهايو ويو...؟ ان جون ڪيتريون ئي حڪمتون آهن، انهن مان صرف 2 حڪمتون ٻڌون ٿا:

## (1): شيطان جي دشمني کي واضح ڪيو ويو

پهرين حڪمت هيءَ آهي تہ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کي جنت ۾ رهايو ويو تہ جيئن شيطان جي انسان سان دشمني کي عملي طور تي واضح ڪيو وڃي. شيطان جيڪو حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام سان حسد ڪندو هو، جڏهن حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کي جنت ۾ رهايو ويو تہ ان کين جنت مان ڪڍڻ جي گهٽي ڪوشش ڪئي، معاذَ الله! وسوسو بہ ڏياريو، سندن سامهون ڪوڙو قَسم بہ کنيائين، مطلب تہ ان معاذَ الله! حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کي پٽڪائڻ جي لاءِ ايڙي چوٽي جي ڪوشش ڪئي پر هي بدبخت نہ ڄاڻيندو هو تہ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام نبي آهن ۽ انبياءِ ڪرام عَلَيْهِم السَّلَام معصوم هوندا آهن، انهن تي شيطان جا وارَ نہ هلندا، البت حڪمت اها ئي هئي، شيطان پنهنجي دشمني واضح ڪري ڇڏي، الله پاڪ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي حفاظت فرمائي، پاڻ وسري ويا ۽ ويسر ۾ ئي اهو جنتي ميوو کائي ڇڏيو، ايئن کين گناهہ بہ نہ ٿيو ۽ شيطان جي دشمني بہ ڪُلي عام سامهون اچي وئي.[1]

## اي اولادِ آدم! شيطان کان بچو!!...

سيپارو:8، سورت اعراف ۾ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جو اهو ئي واقعو ذڪر ڪرڻ کان پوءِ الله پاڪ اسان انسانن کي ارشاد فرمايو:

يٰبَنِيْۤ اٰدَمَ لَا یَفْتِنَنَّكُمُ الشَّیْطٰنُ كَمَاۤ اَخْرَجَ اَبَوَیْكُمْ مِّنَ الْجَنَّةِ

(سيپارو: 8، الاعراف: 27)

ترجمو ڪنزُ العرفان: اي آدم جي اولاد! توهان کي شيطان فتني ۾ نہ وجهي جيئن ان توهان جي ماءُ پيءُ کي جنّت مان ڪڍي ڇڏيو.

يعني اي اولادِ آدم! هي ڳالهہ هميشہ ياد رکو، شيطان اوهان جو کُليو دشمن آهي، اهوئي آهي جيڪو اوهان جي والدين (حضرت آدم ۽ حوا عَلَيْهِمَا السَّلَام) جي جنت مان نڪرڻ جو سبب بڻيو، ان ڪري ان ڳالهہ جو هميشہ لحاظ رکجو ۽ بچجو تہ ڪٿي شيطان اوهان کي فتني ۾ نہ وجهي.

1...التبيان مع البيان، پاره:1، البقرة، زير آيت:36، صفحہ:142-143 خلاصةً۔

مطلب تہ حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام کي خليفو زمين لاءِ بڻايو ويو هو پر ڪين ڪجھہ عرصي لاءِ جنت ۾ رکيو ويو، ان ۾ حڪمت هي هئي تہ اسان انسانن لاءِ شيطان جي دشمني واضح ٿي وڃي. ان ڪري اسان سڀني تي لازم آهي تہ شيطان کي پنهنجو دشمن سمجهندا رهون.

## شيطان کي دشمن سمجهو...!!

الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

اِنَّ الشَّیۡطٰنَ لَکُمۡ عَدُوٌّ فَاتَّخِذُوۡہُ عَدُوًّا ؕ اِنَّمَا یَدۡعُوۡا حِزۡبَہٗ لِیَکُوۡنُوۡا مِنۡ اَصۡحٰبِ السَّعِیۡرِ ؕ ﴿۶﴾ (سيپارو: 22، الفاطر:6)

ترجمو ڪنزُالعرفان: بيشڪ شيطان توهان جو دشمن آهي سو توهان بہ ان کي دشمن سمجهو، اهو تہ پنهنجي ٽولي کي انهيءَ لاءِ سڏي ٿو تہ جيئن اهي بہ دوزخين مان ٿي وڃن.

يعني اي انسانو! شيطان اوهان جو وڏو پراڻو دشمن آهي، ان جي هي دشمني ڪڏهن بہ ختم نہ ٿيندي، ان ڪري اوهان بہ پنهنجي عقائد جي معاملي ۾، افعال ۽ اعمال جي معاملي ۾ ان خبيث کي پنهنجو دشمن سمجهو! ان جي پويان هرگز نہ هلو! (هي تہ پڪو جهنمي آهي) ۽ ماڻهن کي ڪفر ڏانهن سڏيندو بہ ان لاءِ ئي آهي تہ جيئن انهن کي بہ (پاڻ سان گڏ) جهنم ۾ وٺي وڃي.[(1)]

## شيطان جي خطرناڪ سازش

اي عاشقانِ رسول! معلوم ٿيو: شيطان اسان جو کُليو دشمن آهي، جيئن هي حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام جي جنت مان ٻاهر اچڻ جو سبب بڻيو، ايئن ئي هي چاهي ٿو تہ اسان جنت کان محروم رهي جهنم جا حقدار ٿي وڃون. ان ڪري اسان کي گهرجي تہ هميشہ ان جي چالن کان بچندا رهون، ان جون چالون تمام خطرناڪ آهن.

---

1...تفسير صراط الجنان، پاره:22،سورۀ فاطر، زير آيت:6، جلد:8،صفحہ:177 خلاصتًہ

حديث پاڪ ۾ آهي، منهنجي ۽ اوهان جي آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: بني اسرائيل ۾ هڪ راهب (يعني اڪيلائي ۾ رهي عبادت ڪرڻ وارو) هو، شيطان (ان کي ڀٽڪائڻ جو طريقو ايئن اختيار ڪيو جو) هڪ ڇوڪريءَ جو ڳلو دٻائي ڇڏيو ۽ ان جي اهل خانہ جي دل ۾ هيءَ ڳالهہ وجهي ڇڏي تہ ان جو علاج فلاڻي راهب وٽ آهي. تنهنڪري اهي ماڻهو ان کي وٺي راهب وٽ آيا، هاڻي راهب پهريان تہ ڇوڪريءَ جو علاج ڪرڻ کان منع ڪيو، پوءِ اهو راضي ٿي ويو. هاڻي اها ڇوڪري اڪيلي ان وٽ هئي، شيطان راهب کي ڀٽڪائڻ شروع ڪيو، ان جي دل ۾ گندا وسوسا وجهڻ شروع ڪيا، پهريان تہ اهو راهب شيطاني وسوسن کان بچندو رهيو، آخر شيطان جي چال ۾ ڦاسي ويو ۽ ان ڇوڪريءَ سان منهن ڪارو ڪري ڇڏيو، ۽ جيڪو نہ ٿيڻو هو سُو ٿي ويو، هاڻي شيطان راهب جي دل ۾ وسوسو وڌو تہ جڏهن ان جا گهر وارا ايندا (۽ انهن کي هن ڳالهہ جي خبر پوندي) تہ تون رسوا ٿي ويندين، ان ڪري تون ان کي قتل ڪري ڪٿي دفن ڪري ڇڏ. هاڻي راهب پنهنجي عزت بچائڻ خاطر ڇوڪريءَ کي قتل ڪري ڇڏيو، هوڏانهن شيطان ڇوڪريءَ جي گهر وارن وٽ پهتو، انهن کي وسوسا وڌائين، آخر ان جا گهر وارا پهتا، جتي ان ڇوڪريءَ کي دفن ڪيو ويو هو، ان کي ڪوٺيائون تہ راهب جو گناهہ ظاهر ٿي ويو، راهب کي گرفتار ڪيو ويو، (جڏهن راهب کي قتل ڪرڻ لڳا تہ) شيطان پوءِ راهب وٽ آيو ۽ چيو: مون ئي توکي گناهہ ۾ ڦاسايو، پوءِ مون ئي توکي کين قتل ڪرڻ جو وسوسو وڌو، هاڻي جيڪڏهن تون منهنجي هڪ ڳالهہ مڃي وٺين تہ مان تنهنجي جان بچائي وٺندس، راهب ڳالهہ پڇي، شيطان چيو: مون کي سجدو ڪر! (هاءِ! نادان راهب...!! هاڻي بہ شيطان جي چال نہ سمجهي سگهيو) ان شيطان کي سجدو ڪري ڇڏيو، جيئن ئي ان هي ڪفر ڪيو، شيطان چيو: منهنجو تو سان ڪو واسطو ناهي. هي اها ڳالهہ آهي جنهن بابت الله پاڪ فرمايو: (1)

1...موسوعہ ابن ابی الدنیا، مکائد الشیطان، جلد:4، صفحہ:546، حدیث:61۔

كَمَثَلِ الشَّيْطٰنِ اِذْ قَالَ لِلْاِنْسَانِ اكْفُرْ ۚ فَلَمَّا كَفَرَ قَالَ اِنِّیْ بَرِیْٓءٌ مِّنْكَ اِنِّیْۤ اَخَافُ اللّٰهَ رَبَّ الْعٰلَمِیْنَ﴿۱۶﴾

(سيپارو: 28، الحشر: 16)

ترجموڪنزُالعرفان: جيئن شيطان جو مثال جڏهن ان انسان کي چيو: ”ڪفر ڪر“ پوءِ جڏهن ان ڪفر ڪري ورتو ته چيائين: بيشڪ مان توهان کان بيزار آهيان، بيشڪ مان ان الله کان ڊڄان ٿو جيڪو سڀ جهان جو رب آهي.

الله! الله! اي عاشقانِ رسول! غور فرمايو! شيطان ڪيترو خطرناڪ دشمن آهي...!! ان بدبخت جي چاهت ئي اها آهي ته اسان کي راهه جنت کان روڪي جهنم جو حقدار بڻائي ڇڏي. ان ڪري عقلمند اهو ئي آهي جيڪو ان بدبخت کي پنهنجو دشمن ڄاڻي ۽ ان جي چالن کان بچندو رهي.

## جاهل ۽ عقلمند جي سڃاڻپ

بزرگ فرمائن ٿا: عقلمند جي نشاني هي آهي ته هو سچي دوست ۽ دشمن جي سڃاڻپ رکندو هجي ۽ جاهل جي علامت هي آهي ته جنهن کي سچي دوست ۽ دشمن جي سڃاڻپ نہ هجي...!! (1)

مطلب هي آهي ته الله پاڪ کي اسان جي ڀلائي مطلوب آهي، ربِ ڪريم اسان لاءِ قرآن لاٿو، اسان لاءِ نبي رحمت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي رَحۡمَةٌ لِّلۡعَالَمِيۡن بڻائي موڪليو، هي سڀ ان لاءِ ته جيئن اسان جهنم کان بچي جنت جا حقدار بڻجي وڃون پر شيطان بدبخت آهي، هي اسان جو کليو دشمن آهي، اهو ته چاهي ئي هي ٿو ته اسان جهنم جي راهه تي هلي پئون، ان ڪري عقلمند اهو ئي آهي جيڪو شيطان کي ۽ ان جي دشمني کي سڃاڻي. اسان کي گهرجي ته عقلمندي جو مظاهرو ڪريون ۽ شيطان کي پنهنجو کُليو دشمن تسليم بہ ڪيون ۽ ان جا دشمن بڻجي ڪري ئي رهون.

## شيطان جو دشمن بڻجڻو آهي پر ڪيئن....!!

حضرت وهب بن منبہ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: هڪ دفعي رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شيطان کان پڇيو: اي ملعون! منهنجي امت

1...تنبيہ الغافلين، باب عداوة الشيطان ومعرفة مكايده، صفحہ:344 بتقدم و تاخر۔

۾ تنهنجو دشمن ڪير آهي؟ شيطان چيو: اوهان جي امت ۾ منهنجا 15 دشمن آهن: (1): اوهان پاڻ (2): انصاف ڪرڻ وارو سلطان (3): عاجزي ڪرڻ وارو مالدار (4): سچو تاجر (جيڪو واپار ۾ دوکو نہ ڪري، ماپ تور ۾ گهٽتائي نہ ڪري، ڪوڙ نہ ڳالهائي) (5): خوفِ خدا وارو عالِم (6): نصيحت ڪرڻ وارو مومن (7): رحم دل مسلمان (8): توبھ تي قائم رهڻ وارو (9): حرام ڪمن کان بچڻ وارو (10): هميشہ باوضو رهڻ وارو مسلمان (11): گهڻو صدقو ڏيڻ وارو مسلمان (12): حسن اخلاق وارو مسلمان (13): ٻين کي فائدو پهچائڻ وارو (14): صاحبِ قرآن جيڪو گهڻو تلاوت ڪرڻ وارو (15): رات جو جڏهن ماڻهو سُتل هجن، ان وقت نماز پڙهڻ وارو. پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڇيو: منهنجي امت ۾ تنهنجا دوست ڪير آهن؟ شيطان چيو: هي 10 آهن. (1): ظالم سلطان (2): تڪبر ڪرڻ وارو مالدار (3): خيانت ڪرڻ وارو تاجر (4): شرابي (5): چغلخور (6): زنا (يعني بدڪاري) ڪرڻ وارو (7): يتيم جو مال کائڻ وارو (8): نماز کي اهميت نہ ڏيڻ وارو (9): زڪوات نہ ڏيڻ وارو (10): ڊگهي اميد (يعني وڏيڪ عرصو زنده رهڻ جي اميد رکڻ) وارو، هي 10 قسم جا ماڻهو منهنجا دوست ۽ منهنجا ڀائر آهن. [(1)]

اي عاشقانِ رسول! هي 15 ماڻهو آهن جيڪي شيطان جا دشمن آهن ۽ 10 فرد آهن جيڪي شيطان جا دوست آهن. هاڻي اسان تي لازم آهي تہ اسان شيطان جا دشمن بڻجون ان ڪري ❁ عاجزي ڪرڻ وارا بڻجون ❁ خريد و فروخت ۾ صفائي اختيار ڪريون يعني سچ ڳالهايون، ٺڳي نہ ڪيون ❁ خوفِ خدا اپنايون ❁ علمِ دين سکون ❁ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ وارا بڻجون ❁ رحم دلي اپنايون ❁ توبہ ڪريون ۽ ان تي قائم بہ رهون ❁ حرام کان هميشہ بچندا رهون ❁ حسن اخلاق اپنايون ❁ گهڻو صدقو ڏيندا ڪريون❁ باوضو رهڻ جي عادت بڻايون ❁ مسلمانن کي فائدو پهچائيندا ڪريون❁ گهڻي تلاوت ڪندا ڪريون ۽ ❁ رات جو جڏهن ماڻهو سُتل هجن، وڌيڪ نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ 2 رڪعت نفل پڙهڻ جي عادت بڻائي وٺون. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1...تنبيہ الغافلين، باب عداوة الشيطان ومعرفة مكايده، صفحہ:247ـ

# (2): شرعي تڪليفن جي اهميت

حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کي ڪجهه عرصي لاءِ جنت ۾ رهايو ويو، ان جي ذريعي شيطان جي دشمني کي واضح ڪيو ويو. ان ۾ ٻي هڪ حڪمت اها سمجهه ۾ اچي ٿي تہ ان جي ذريعي شرعي تڪليفن (الله پاڪ جي احڪامن) جي اهميت کي واضح ڪيو ويو. مشهور مفسرِ قرآن، حڪيم الامت، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه تفسير نعيمي ۾ لکن ٿا: (قيامت کان پوءِ جڏهن اسان جنت ۾ ويندا سين تہ اتي ڪنهن بہ شيءِ جي ڪا روڪ ٽوڪ نہ هوندي پر) حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کي (حڪمت جي تحت جنت ۾ رهايو ويو، پوءِ ڪين) هڪ وڻ جي ويجهو وڃڻ، ان جو ميوو کائڻ کان بہ روڪيو ويو، ان ۾ حڪمت هيءَ هئي تہ ڇوتہ پاڻ ۽ سندن اولاد تي دنيا ۾ احڪام جاري ٿيڻا هئا ۽ دنيا جي ڪجهه شين کان روڪيو وڃڻو هو، ان ڪري انهن احڪامن جو عادي بڻائڻ لاءِ ڪين جنتي ميوو کائڻ کان بہ منع ڪيو ويو.(1)

مطلب تہ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کي ڪجهه عرصي لاءِ جنت ۾ رهائي، ڪين هڪ وڻ کان روڪي اسان کي شرعي احڪامن جي اهميت ٻڌائي وئي ۽ ٻڌايو ويو تہ اسان شرعي احڪامن کي ڪڏهن بہ معمولي نہ سمجهون، انهن جي تمام گهڻي اهميت آهي، ڏسو! حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام نبي آهن، معصوم آهن، سندن مبارڪ ذات کان گناهہ جو سرزد ٿيڻ شرعي طور ناممڪن آهي،(2) ان جي باوجود پاڻ ويساري ڪري حڪم جي خلاف ڪيو تہ ڪين جنت مان زمين تي لاٿو ويو، خبر پئي صرف شرعي حڪم جي خلاف ورزي ڪرڻ جنت کان محرومي جو سبب بڻجي سگهي ٿو.

اي عاشقانِ رسول! هي واقعي حقيقت آهي، اسان کي شريعت جنهن جنهن ڳالهہ جو حڪم ڏنو آهي، جن جن ڳالهين کان منع ڪيو آهي، انهن جي تمام گهڻي اهميت آهي، هي معمولي شيءِ نہ آهي پر افسوس! اڄ ماڻهن جي دلين مان شرعي احڪامن جي اهميت گهٽ ٿيندي پئي وڃي، هاءِ! افسوس!

---

1...تفسیر نعیمی، پارہ:1، البقرۃ، زیر آیت:35، جلد:1، صفحہ:296۔
2...بہارِ شریعت، جلد:1، حصہ:1، صفحہ:38 ماخوذاً۔

۞ اسان اهي بدنصيب آهيون، جن کي نماز جي فڪر ناهي ٿيندي ۞ رات جو سمهندي ماڻهو آفيس ٽائيم يا ڪم تي وڃڻ جي وقت جو الارم تہ لڳائي وٺندا آهن پر فجر لاءِ اٿڻ جو اهتمام ناهن ڪندا ۞ ڪٿي وڃڻو هجي، ٽڪيٽ بُڪ هجي تہ وقت تي اک بہ کلي ويندي آهي، اڳواٽ تياريون بہ ٿي ويندي آهن پر افسوس! نمازن جي اوقات جو لحاظ نہ رکيو ويندو آهي ۞ جتي پنهنجي عقل جي مطابق نڪ ڪٽجندو محسوس ٿيندو هجي، انهن ڪمن کان تہ اسان رڪجي ويندا آهيون پر شرعي احڪامن کي اهميت نہ ڏيندا آهيون ۞ شادين وغيره ۾ پنهنجي لڄ رکڻ لاءِ، نفس جي تسڪين لاءِ خوب ناچ گانا ٿيندا آهن، گناهن جو بازار گرم ڪيو ويندو آهي، افسوس! شريعت جو حڪم ڇا آهي، ان جو بلڪل لحاظ اسان ناهيون رکندا ۞ ڏاڙهي شريف جهڙي مبارڪ سنت کي صرف فيشن جي نالي تي ڪترائي نالين ۾ وهايو ويندو آهي ۞ فضول خرچين ۾ ڇاهي لکن جو مال اڏائي ڇڏيون پر زڪوات ڏيڻ ڳرو لڳندو آهي ۞ جڏهن نفعو ڪمائڻ جي ڳالهہ اچي تہ سُودي لين دين کان بہ باز نہ ايندا آهيون ۞ چند رپين خاطر خريد و فروخت ۾ ٺڳي ڪئي ويندي آهي ۞ ڪوڙ ڳالهائڻ کي اڄ ماڻهو فيشن سمجهندا آهن مطلب تہ ڪهڙين ڪهڙين ڳالهين جو تذڪرو ڪجي...!! اهو ڪهڙو شرعي حڪم آهي جنهن کان اڄ بي پرواهي ناهي ڪئي ويندي...!! ياد رکو! هي تمام خطرناڪ ڳالهہ آهي.

## نافرمان ماڻهو ٻولڙا بڻجي ويا

قرآن ڪريم ۾ بني اسرائيل جو هڪ عبرتناڪ واقعو ذڪر ڪيو ويو آهي، بني اسرائيل جا ڪجهہ ماڻهو هئا جيڪي سمنڊ جي ڪناري اَيلہ نالي ڳوٺ ۾ رهندا هئا، اهي سڀ ماهي گير هئا، سمنڊ مان مڇيون پڪڙيندا، وڪڻندا ۽ پنهنجي روزي جو اهتمام ڪندا هئا، وڏي خوشحال زندگي گذري رهي هئي، پوءِ قدرت کي انهن جو امتحان منظور ٿيو، تنهنڪري انهن لاءِ هفتي جي ڏينهن مڇي جو شڪار حرام قرار ڏنو ويو پر افسوس! انهن ان رب جي حڪم کي ڪجهہ اهميت نہ ڏني. (جيئن اڄڪلهہ ماڻهو مختلف حيلن سان حرام کي حلال ۽ حلال کي حرام بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، بني اسرائيل جي هن گروهہ بہ ائين ئي ڪيو) انهن پنهنجي گهرن جي ويجهو وڏا

وڏا حوض ناهيا ۽ سمند مان ناليون ڇڪي حوض تائين آنديون، هفتي واري ڏينهن جڏهن مڇيون وڏيڪ ٿينديون هيون ته نالين جا منهن کولي ڇڏيندا هئا، مڇيون انهن نالين جي ذريعي حوض ۾ اچي ويندديون هيون، ٻئي ڏينهن اهي انهن کي پڪڙي وٺندا هئا.

هي به الله پاڪ جي نافرماني ئي هئي، انهن صرف پنهنجي دل جي تسلي لاءِ ائين ڪيو، نه ته ظاهر آهي، مَڇيون پڪڙڻ منع هو، چاهي ڄار وجهي پڪڙين، چاهي حوض جي ذريعي قيد ڪري وٺن، ٻنهي صورتن ۾ مڇيون ته پڪڙيون ئي ويون. ان ڪري انهن کي سمجهايو ويو، دين جو درد رکڻ وارن انهن کي نيڪي جي دعوت ڏني، انهن کي ٻڌايو ته جيڪو اوهان ڪري رهيا آهيو، هي غير شرعي حيلو آهي، هي صرف هڪ بهانو آهي، اوهان الله پاڪ جي نافرماني ڪري رهيا آهيو پر اُهي نه مڃيا، الله پاڪ جي نافرماني ڪندا رهيا، گناهه ڇڏڻ ۽ توبهه ڪرڻ تي تيار نه ٿيا، آخر انهن جي مسلسل نافرماني جي سبب الله پاڪ جو قهر انهن تي نازل ٿيو، هڪ صبح جو ڏنو ويو ته نافرمانن جا چهرا مسخ ٿي چڪا هئا ۽ اهي سڀ جا سڀ پولڙا ٻڍجي چڪا هئا. (1) الله پاڪ هي عبرتناڪ واقعو قرآن ڪريم ۾ هن ريت ذڪر فرمايو:

وَلَقَدْ عَلِمْتُمُ الَّذِیْنَ اعْتَدَوْا مِنْكُمْ فِی السَّبْتِ فَقُلْنَا لَهُمْ كُوْنُوْا قِرَدَةً خٰسِـٕیْنَ(۶۵) (سيپارو:1 البقرة: 65)

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ يقينا توهان کي معلوم آهن اهي ماڻهو جن توهان مان ڇنڇر جي ڏينهن ۾ سرڪشي ڪئي، ته اسان انهن کي چيو ته ٿڙيل پولڙا ٻڍجي وڃو.

گر تُو ناراض ہوا میری ہلاکت ہو گی
ہائے میں نارِ جہنم میں جلوں گا یاربّ!
عَفو کر اور سدا کے لئے راضی ہوجا
گر کرم کر دے تو جنّت میں رہوں گا یاربّ! (2)

1... حاشيہ صاوی علی الجلالين، پاره:1، سورۂ بقره، زيرِ آيت:66، جلد:1، صفحہ:80۔
2... وسائلِ بخشش، صفحہ:85 ملتقطًا۔

## گناهه الله پاڪ سان جنگ آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! ذرا سوچيو! الله پاڪ جي نافرماني جو ڪهڙو خوفناڪ انجام ٿيو، الله پاڪ بني اسرائيل جي انهن نافرمانن کي قيامت لاءِ عبرت جو نشان بڻائي ڇڏيو. الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ انهيءَ عبرتناڪ واقعي بابت فرمائي ٿو:

فَجَعَلْنٰهَا نَكَالًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهَا وَ مَا خَلْفَهَا وَ مَوْعِظَةً لِّلْمُتَّقِيْنَ ﴿۶۶﴾

(سيپارو: 1، البقرة: 66)

ترجمو ڪنزُ العرفان: پوءِ اسان اهو واقعو ان وقت جي ماڻهن ۽ ان کان پوءِ وارن جي لاءِ عبرت ۽ پرهيزگارن جي لاءِ نصيحت بڻائي ڇڏيو.

معلوم ٿيو ان واقعي ۾ عبرت آهي، الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ ان واقعي کي اسان جي عبرت لاءِ بيان فرمايو، ان ڪري اسان کي گهرجي ته اسان ان مان عبرت حاصل ڪريون، الله پاڪ جي حضور رجوع ڪريون، توبهه ڪريون، نيڪيون ڪيون ۽ الله پاڪ ۽ ان جي پياري محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نافرماني کان هر دم بچندا رهون ته الله ۽ رسول جي نافرماني دنيا ۽ آخرت ۾ ذلت و رسوائي جو سبب آهي. حضرت امام حسن بصري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائيندا هئا: اي ابنِ آدم! تنهنجي هلاڪت ٿئي...! ڇا تون الله پاڪ سان مقابلو ڪرڻ چاهين ٿو؟ ها! ها! جنهن الله پاڪ جي نافرماني ڪئي جڻ ان الله پاڪ سان جنگ ڪئي.[1]

گناهوں سے مجھ کو بچا یااِلٰہی! | بُری عادتیں بھی چھڑا یااِلٰہی!
خطاؤں کو میری مٹا یااِلٰہی! | مجھے نیک خصلت بنا یااِلٰہی![2]

## حڪم شرعي کي اهميت ڏيڻ جي عظيم مثال

بهر حال! پيارا اسلامي ڀائرو! شرعي حڪم کي اهميت نه ڏيڻ، ان کي معمولي سمجهڻ وڏي بي باڪي آهي، الله پاڪ جي ڏنل احڪامن جي

1... عُيون الحكايات، حصہ اوّل، صفحہ:52۔
2... وسائلِ بخشش، صفحہ:100۔

ڪيتري اهميت آهي، ان ڪي سمجهڻ لاءِ هڪ ايمان افروز روايت ٻڌو! حضرت ابنِ ابي ليليٰ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ميدانِ ڪربلا ۾ جڏهن امام حسين رَضِىَ اللهُ عَنْهُ کي اهو يقين ٿي ويو تہ وعدي جو وقت اچي چڪو آهي، هاڻي شهادت ٿيڻي آهي تہ پاڻ فرمايائون: مون کي ڪو ٿلهو ڪپڙو آڻي ڏيو! (ٿورو غور سان ٻڌندا تہ پاڻ ڪپڙو ڇو گهرائي رهيا آهن، فرمايائون: ٿلهو ڪپڙو آڻي ڏيو!)، مان ان ڪپڙي کي پنهنجي پاتل لباس جي هينان رکندس تہ جيئن جڏهن مان شهيد ٿي زمين تي ڪران تہ منهنجي اوگهڙ نہ کلي. سندن خدمت ۾ ڪپڙو پيش ڪيو ويو، پاڻ ان کي پنهنجي پاتل ڪپڙن جي هينان ويڙهي ڇڏيو. (1)

اللّٰه اڪبر! اي عاشقانِ رسول! اندازو لڳايو! اللّٰه ۽ رسول جي احڪامن کي اهميت ڏيڻ وارا ڪيتري قدر اهميت ڏيندا آهن ❁ اسان جو حال اهڙو آهي جو معمولي پريشاني اچي تہ ❁ ٿورو مٿي ۾ سور ٿئي تہ جماعت ڇڏجي ويندي آهي ❁ ڪڏهن ڪڏهن تہ معاذَ اللّٰه! نماز ئي قضا ڪري ڇڏيندا آهيون ❁ ٿوري تنگدستي اچي تہ دل وياجَ ڏانهن مائل ٿي ويندي آهي ❁ ڪجھ نادان تہ غربت کان ڊڄي وياج تي قرض وٺڻ کان بہ بلڪل نہ ڪيٻائيندا آهن ❁ غم مٽائڻ جي نالي تي برائين جي ماءُ يعني شراب جو سهارو ورتو ويندو آهي. مطلب: معمولي معمولي بهانا ٺاهي اللّٰه ۽ رسول جي نافرماني ڪئي ويندي آهي. ٻئي طرف امام عالي مقام، امام حسين رَضِىَ اللهُ عَنْهُ جو مبارڪ انداز ڏسو! ڇا قيامت جهڙو منظر هو، 3 ڏينهن کان پاڻي بند آهي، پيارا، پيئيٽا، پٽ اکين اڳيان شهيد ڪيا ويا آهن، ننڍڙي علي اصغر رَضِىَ اللهُ عَنْهُ جي ڳلي تي تير هلايو ويو آهي، شهيدن جا 72 لاشَ پنهنجي هٿن سان کڻي چڪا آهن، ان قيامت نما موقعي تي بہ پاڻ ڪيڏي اهميت سان شرعي احڪامن تي عمل ڪري رهيا آهن...!!

1... تاريخ ابن عساکر، حسين بن علی، جلد: 14، صفحہ: 221۔

ڪاش! اسان کي بہ هي جذبو، هي شوق، هي ذوق ۽ ايمان جو اهڙو ڪمال نصيب ٿئي. اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيان جو خلاصو

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان جو خلاصو هي آهي تہ حضرت آدم عَلَیْهِ السَّلَام ۽ حضرت حوا رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہا کي جنت ۾ رهايو ويو، ڪين پيدا تہ زمين لاءِ ڪيو ويو هو پر جنت ۾ رهاڻ جون حڪمتون هيون مثال طور ❁ ان ذريعي شيطان جي دشمني کي واضح ڪيو ويو، ان ڪري اسان کي گهرجي تہ شيطان کي هميشہ پنهنجو دشمن سمجهون، ان جي چالن ڪان بچون، ان جي ڄار ۾ ڦاسڻ ڪان بچي جنت جي رستي تي هلندا رهون ۽ ❁ ٻي حڪمت هي تہ ان ذريعي ديني احڪامن جي اهميت کي واضح ڪيو ويو تہ جيڪڏهن حضرت آدم عَلَیْهِ السَّلَام جي هڪ خطا جيڪا گناهہ نہ هئي، اها جنت مان ٻاهر اچڻ جو سبب ٿي سگهي ٿي تہ اسان جا هزارين گناهہ اسان کي جنت ڪان محروم بہ ڪري سگهن ٿا. ان ڪري اسان کي گهرجي تہ اسلامي احڪامن کي اهميت ڏيون ۽ هميشہ الله ۽ رسول جي فرمانبرداري ڪندا رهون. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## مدني قاعدو موبائيل ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! قرآن ڪريم جو فيضان عام ڪرڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جي آءِ ٽي ڊپارٽمينٽ هڪ موبائيل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي آهي، جنهن جو نالو آهي: مدني قاعدو .(Madani Qaida) هن ايپلي ڪيشن ۾ مڪمل مدني قاعدو ۽ ان جي آڊيو (Audio) شامل ڪئي وئي آهي يعني هن ايپلي ڪيشن

۾ اوهان مدني قاعدي جي جنهن حرف يا جنهن لفظ تي ڪلڪ (Click) ڪندا، آڊيو (Audio) ۾ ان جو تلفظ هلندو، ايئن هن ايپليڪيشن جي مدد سان آساني سان مدني قاعدو پڙهي، ان جي مشق (Practice) ڪري درست مخارج ۽ ضروري تجويد سکي سگهجي ٿي. هي ايپليڪيشن پنهنجي اسمارٽ فون ۾ انسٽال ڪري وٺو، پاڻ به فائدو حاصل ڪريو ۽ ٻين کي به ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي هڪ شرعي مسئلو عرض ڪريان ٿو:

## درست ڇا آهي؟

(درست شرعي مسئلو ۽ عوام ۾ موجود غلط فهمي جي نشاندهي)

## فوم يا گدو وغيره پاڪ ڪرڻ جو طريقو

**وضاحت:** عام طور تي گهرن ۾ ننڍڙا ٻار فوم يا بيڊ جي گدي (Mattress) وغيره تي پيشاب ڪري ڇڏيندا آهن، پوءِ مائرون ان جاءِ تي ڪجهه چنڊا يا آلو ڪپڙو لڳائي ڇڏينديون آهن. ياد رکو! ائين ڪرڻ سان فوم يا گدو پاڪ نه ٿيندو. فوم يا گدي کي پاڪ ڪرڻ جو طريقو ٻڌو! **(1):** پهريون طريقو هي آهي ته فوم کي 3 دفعا ڌوئي ۽ هر دفعي ايتري دير لاءِ ڇڏي ڏيو جو قطرا ڪِرَڻ بند ٿي وڃن، جڏهن ٽيون دفعو ڌوئڻ ڪان پوءِ قطرا ڪِرڻ بند ٿي وڃن ته فوم پاڪ ٿي ويندو، ان کي ڌوئڻ ڪان پوءِ نپوڙڻ ضروري ناهي **(2):** ٻيو طريقو هي آهي ته وهندڙ پاڻي ۾ (مثال طور نل/ٽونٽي هلائي ان جي هيٺان) فوم کي ڇڏي ڏيو جڏهن نجاست ختم ٿيڻ جو يقين ٿي وڃي ته فوم پاڪ ٿي ويندو.[1] هي خيال رهي ته ناپاڪ فوم يا گدي مان چنڊا اڏامي ڪپڙن تي نه اچن، نه ته ڪپڙا به ناپاڪ ٿي ويندا. الله پاڪ اسان کي درست اسلامي احڪام سکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]... فتاویٰ اہلسنت (غیر مطبوعہ)، فتویٰ نمبر:Web-305 ۔

# اسماء الحسنيٰ جي برڪات (وظيفو)

## يَاوَاجِدُ

جيڪو بہ ڪاڌو ڪائيندي هر لقمي تي يَاوَاجِدُ پڙهندو اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم! اهو ڪاڌو ان جي پيٽ ۾ نور ٿيندو ۽ بيماري دور ٿيندي.(1) اللّٰه پاڪ اسان ڪي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

1...مدنی پنج سورہ، صفحہ:254۔